SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXV مجريہ 2002

SINDH ORDINANCE NO.XXV OF 2002

سنڌ مڪاني حڪومت (پنجين ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (FIFTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس XXVII جي دفعہ 158 جي ترميم
Amendment of section 158 of Sindh Ordinance XXVII of 2001

سنڌ آرڊيننس نمبر XXV مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XXV OF 2002
سنڌ مڪاني حڪومت (پنجين ترميم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (FIFTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[17 آگسٽ 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (پنجين ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

Short title and commencement

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ جنهن کي هن ڪانپوءِ به ڇاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 158 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

2001 جي سنڌ آرڊيننس XXVII جي دفعہ 158 جي ترميم

Amendment of section 158 of Sindh Ordinance XXVII of 2001

"158. ٻٽي رڪنيت وغيره رکڻ خلاف ناظمن تي پابندي: هڪ ضلعي ناظم، نائب ضلعي ناظم، تعلقي ناظم، نائب تعلقي ناظم، ٽائون ناظم، يونين ناظم ۽ نائب يونين ناظم، ڪنهن ٻئي سياسي عهدي لاءِ اڳواٽ ناظم جي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي پوءِ چونڊ ۾ حصو وٺي سگهندا، يا جيئن معاملو هجي، نائب ناظم،

بشرطيڪ ضلعي ڪائونسل، تعلقي ڪائونسل، ٽائون ڪائونسل يا يونين ڪائونسل جو ميمبر ٻئي ڪنهن سياسي عهدي لاءِ چونڊ ۾ اهڙي ڪائونسل جي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڪانسواءِ حصو وٺي سگهي ٿو،

بشرطيڪ وڌيڪ ته اهڙو ميمبر هڪ وقت تي هڪ عهدي کان وڌڪ عهدا نہ رکي سگهندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي